# مهڪ متيءَ جي

## غزلن جو مجموعو




## ڀڳوان نردوش

www.sindhsalamat.com



Bhagwan 'Nirdosh'

### ڀڳوان نردوش جي
### ”روح جون رهندڙون“ غزل-سنگره
### تي شري ڪيمن مولاڻيءَ جو رايو :

ڀڳوان ’نردوش‘ سهڻو ستابو شاعر تہ آهي پر هڪ هڪ ڀوڳٽي شخصيت بہ آهي. هو سهڻو نثر نويس بہ آهي. آلوچناتمڪ مضمون لکڻ ۾ ماهر آهي. سندس شاعريءَ جو پنجون ڪتاب ”روح جون رهندڙون“ آهي، جنهن ۾ ۵۵ غزل شامل ڪيا ويا آهن. غزل لکڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي. هونئن تہ غزل ٻن سٽن جي بندن سان جڙي ٿي پر سٽن جي هر هڪ شعر ۾ گنگا ۾ ساگر سمائڻو ٿو پوي. ’نردوش‘ غزل لکڻ ڄاڻي، خوب ڄاڻي. اِنڪري ڪيس هند ۾ برک غزلگو طور ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. سندس غزلن جي خاصيت اِها آهي تہ هو ٻن مصرائن جو پاڻ ۾ ربط رکڻ ۾ ماهر آهي. نوان رديف ۽ قافيا استعمال ڪرڻ ۾ ماهر آهي. مفهوم جي خيال کان بہ ’نردوش‘ صاحب ڪجهہ نون خلقيو آهي، پنهنجي غزلن ۾ النڪارن جو اُپيوگ ڪندي! تن هن غزل سنگره جي ڪيترن شعرن ۾ چار چنڊ لڳايا آهن. اصطلاحن جو

اُپيوگ ڏسو ڪيئن ٿو ڪري!\
وٺين ’نردوش‘ اهڙو چالاڪ بڻجي\
شرافت کي سرمو تون پائي سهين ٿو!

اڄ جي وگيان ۽ تڪنيڪي يُگ ۾ ماڻهو ڪيئن ڪوڙو ٿي پيو آهي، ان لاءِ ’نردوش‘ صاحب جي اندر جو ڪوي سچ چئي ويٺو :

روپ ڦرن ٿا هت پل پل ۾،\
ماڻهو سانڍن پارا آهن! (ص. ۵۱)

سرپنچ جان ئي سُرَڻ لڳو آهي،\
ڏنگ بہ ماڻهو هڻڻ لڳو آهي. (ص. ۵۷)

نيتائن کي اپينيتائن سان ڀيٽڻ جو طريقو بہ ڪجهہ اوُرئي نموني پيش ڪيو اٿائين :

تو نيتا نہ آهين اپينيتا آهين،\
حريفيءَ سان سڀ کي نچائي سگهين ٿو. (ص. ٢٦)

---

ڀڳوان نردوش ڪيترن سالن کان چند وزن ۾ شعر چئي رهيو آهي. سندس پهريون مجموعو ”چنڊ ڪئي چانڊاڻ“ ۽ پوءِ ٻارن لاءِ ڪويتائون ”رنبرنگي ڦوڪٽا“ اِهو مجموعو ڪنهن بہ شاعر کي پختو بڻائڻ لاءِ ڪافي آهن... ڀڳوان نردوش غزلگو شاعر طور گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي. سندس غزل سنگره ”غزلن جي گوُنج“ مجموعو منهنجي هٿ ۾ آهي. (٢٠١٨) سندس قلم هاڻي وڌيڪ تاثير ڇڏي رهيو آهي.

- ارجن حاسد

books.sindhsalamat.com

क्यूं प्यार पंहिंजे ई बोलीअ खे छो कीन?
अजायो छो धारीअ बोलीअ खे पदायूं?

ڪيون پيارُ پنهنجي ئي ٻوليءَ کي ڇو ڪينَ؟
اجايو ڇو ڌاريءَ ٻوليءَ کي پڏايون؟

# مهڪ مٿيءَ جي

## (غزلن جو مجموعو)


| | | |
|---|---|---|
| رچيندڙ | : | بي. ڪي. هوتچنداڻي |
| ڇاپو | : | پهريون |
| ڪاپيون | : | ۵۰۰ |
| سال | : | ۲۰۲۰ |
| قيمت | : | رپيه ۲۵۰ |
| پبلشر | : | بي. ڪي. هوتچنداڻي |
| | | بيِ-۷۰۳، سنگاٿ پائلون، ڪوٽيشور، موٽيرا، احمد آباد-۳۸۰۰۰۵ |
| | | e-mail : heenaagnani15@gmail.com M. 9624480977 |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مورساگر (سنڌ) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | مهالڪشمي پرنٽرس |
| | | نانا چلوڙا، احمد آباد-۳۸۲۳۳۰ |
| پرنٽر | : | درشن پرنٽرس، باپونگر، احمد آباد. |

گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي، گانڌينگر جي مالي مدد سان ڇپايل


# MAHEK MITIA JEE

## (COLLECTION OF GHAZALS)


| | | |
|---|---|---|
| Edited by | : | **B.K. HOTCHANDANI** |
| Edition | : | **1st** |
| Copies | : | **500** |
| Year | : | **2020** |
| Price | : | **Rs. 250/-** |
| Published by | : | **B.K. HOTCHANDANI** |
| | | B-703, Sangath Pylon, Koteshwar, |
| | | Motera, Ahmedabad-380005 M. 9624480977 |
| | | e-mail : heenaagnani15@gmail.com |
| Title Design by | : | **MOR SAGAR** (SINDH) |
| Printed | : | **MAHALAXMI PRINTERS** |
| | | Chiloda, Ahmedabad. |

**ISBN Number**

**PUBLISHED WITH FINANCIAL ASSISTANCE OF**
**SINDHI SAHITYA ACADEMY-GANDHINAGAR,**
**GUJARAT STATE**






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب کان اڳ منهنجا ڪل ١٩ ڪتاب نثر-نظم ۾ ڇپيل آهن، جن ۾ ڇهه غزلن جا ڪتاب آهن، ٻه الڳ الڳ فارم تي لکيل شعر آهن ۽ ٻال گيتن جو مجموعو ”رم جهم رم جهم“، ”رنگبرنگي ڦوڪڻا“ به اچي وڃن ٿا ته ٻه انواد ڪيل ڪتاب سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ١. ”ٻا تو جاڻي ڇي“ ۽ (مونو لاگ) ليک: واسديو ”نرمل“ ٢. ”سنگهرش“ (ڪهاڻيون) - ليکڪ: اي.جي. اُتم هاڻي غزلن جو ڇهون گُلدستو توهان جي هٿن ۾ آهي. مان پنهنجي باري ۾ ڇا لکان، بس پنهنجا چار شعر ڏيان ٿو، جدا جدا غزلن جي مجموعن مان، باقي ٻيا منهنجي باري ۾ خواه ڪتاب بابت ڇاٿا لکن، اِهي ڪوريل ڪي ٽڪرا ڏيان ٿو. پهرين منهنجا چار غزلي شعر:

**پَرَ ڪٽيل مان پرندو آهيان،**
**تعجب ٿم ڪئن اُڏندو آهيان!**
**نرمل نرمل نيڻ نماڻا،**
**’نردوش‘ ڪڪر اُتي وسي ٿو!**
**فقط هڪ چڻنگ ئي گهرجي جلائڻ لاءِ،**
**ڪپي ساڳ، لڳيءَ کي پُڄهائڻ لاءِ**
**سنڌي هرجا پيو سڏجان جي-**
**آ، اَٿر سو، اَمڙ جي لوليءَ جو!**

هاڻ ڏسو ته ٻيا ڇاٿا چون:

”چنڊ ڪئي چانڊاڻ“ شعرن جو مجموعو ”نردوش“ کي عوام اڳيان آندو، اُن کانپوءِ سندس قلم ۾ وڏيڪ جنبش جاڳي آهي، منهنجو نتيجو آهي. تازو شايع ٿيل سندس ٻال ڪوتائن جو مجموعو ”رنگ به رنگي ڦوڪڻا“ جنهن ۾ ٻارن سان واسطو رکندڙ دلچسپ وشيه واريون ڪوتائون ”رنگبرنگ ڦوڪڻا“ ڦوڪڻا ٻڻجي نديڙن ۽ وڏڙن جي هٿن تائين آيون آهن. سندس ڪوتائن کي پڙهڻ بعد ائين محسوس ٿيندو ته هن ٻارجي



من کي پرکيو آهي، سمجهيو آهي ۽ اُهو ئي سبب آهي جو سندس ٻال-ڪوتائن ۾ حقيقت نگاري ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي.

**- ڊاڪٽر لکميچند ’پريم‘**

”يڳوان نردوش“ بنيادي طور هڪ آشاوادي شاعر آهي. هو پيغمبر آهي ”آشاوادي“ جو، سندس شعرن ۾ جتي ڪٿي ”آشاوادي“ نمايان آهي.

’نردوش‘ جي خوبي آهي ساست، سندس شعر بلڪل سليس آهي، اُن ۾ نه ڪي وروڪڙ آهن، نه ڏاهپ جون ڪلابازيون. هو جيڪي به چئي ٿو سڌو، سنواٽو ۽ سليس ٻوليءَ ۾ چئي ڏئي ٿو. سندس ڪي گيت، غزل ۽ نظمون لئه سان ڀرپور آهن. ڪٿي ڪٿي سندس نِرت ڪندا نظر اچن ٿا.

”آءٌ نه اوريون حال“ تان: **واسديو ’نرمل‘**

## نردوش هڪ وڏي سمپاونا

قدرت شاعر کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. سونهن جا جهلڪا، سواس سُر، پوءِ اُهي ڀلي گجڻ ۾ هجن يا وسڻ ۾ ۽ وڏي ڳالهه ته پريرڻا، اُلبت ڪنهن رچنا جو معيار اُن حقيقت تي منحصر هوندو آهي ته رچناڪار پاڻ پنهنجي رچنائن جو ڪيڏو وڏو نقاد آهي، ’نردوش‘ جيڪو هاڻ (بي.ڪي. هوتچندائيءَ جي نالي سان شعرگو ئي ڪري ٿو) جيئن اڳيئ به چيو اٿم، وڏي سمپاونا آهي:

**ٽوڪ ٽوڪ وچ ۾ آ ڪيڏي،**
**ڏينهن سڄو ئي اُپُّ گجندو ڇا؟**
**پيشانيءَ تي بوندون پگهر جون،**
**گُل تي سرڪيون ماڪ ڦُڙا ٿي!**

روايت ڪنهن به شاعر لاءِ ميسر ڪندي آهي، هن کي وڪسائيندي آهي. شاعر لاءِ نئون اُپ ڇهڻ لاءِ اهو وڪاس ضروري آهي. ڪير ڪونديءَ جو ٻوٽو ٿو ٻڻجي يا شاهي ٻڙ، اِهو ته شاعر جي اِڇا شڪتيءَ تي مدار ٿو رکي، نردوش جي حالت ۾ نواڻ ۽ روايت هٿ ۾ هٿ جهلي بيٺيون آهي.

**ڪاسائيءَ جو گهر ڪترپٽو،**
**اِنسانيت جا ڪنڌ ڪپايون!**
**آڏ هنئين تو لکي ستارن کي،**
**سا، خبر پهتي آ، نظارن کي!**

مون کي ”سُواس سُواسَ ۾ سرهاڻ“ پوري اعتماد سان اهو چوڻ لاءِ آماده ڪيو آهي ته هي مجموعو سنڌس اڳين مجموعن کان مٿيرو ٿي بيٺو آهي. هن جو شاعربزنيس‌مئن جي دٻاءَ گهٽجي نه ويو آهي.

**-واسديو موهي**

(’سواس سواس ۾ سرهاڻ‘ تان)

## گيتڪار جي واقفيت

شري پيگوان ’نردوش‘ جا هي تازا ٻال گيت ’رِم جهم رِم جهم‘ سچ پچ اعليٰ ۽ عمدا آهن. انُهن ۾ اُهي مڙئي وصفون آهن، جي هڪ سٺي ٻال-گيت ۾ هئڻ گهرجي. هونءَ ته پيگوان شاعريءَ جي ٻين صنفن جهڙو گيت، غزل، نظم وغيره ۾ سنو لکندو آهي، پر ٻال گيت لکڻ جو هن کي خاص ڏانءُ ۽ ڏات آهي ’رِم جهم رِم جهم‘ هن جي ٻال گيتن جو ٻيون مجموعو آهي. سنڌس پهريون سنگره ”رنبرنگي ڦوڪڻا‘ جو اٽڪل ڏهه سال اڳي شايع ٿيو هو، ڪافي ٻال پريه ثابت ٿيو هو ۽ ٻال ڪوتائن ۾ آدرجو اِستان حاصل ڪيو هئائين. هي سنڌس نئون مجموعو ڪي قدم اَڳتي آهي، جو ٻارڙن کي خوب موُج ۽ مزو ڏيندو.

**- هري دلگير**

”نامڪنيا ناٽڪ نويس“ ڪتاب جو ليکڪ پيگوان ’نردوش‘ هڪ پختو سنو شاعر ته آهي ئي، پر هڪ قابل نقاد پڻ آهي. هوُ سمالوچنائون لکندو آهي ته آلوچنائون به. انُهن سمالوچنائن-آلوچنائن جو هڪ مجموعو به ڇپايو اٿس ”ميڙا جي مون موتي“ عنوان سان. هو هڪ مضمونگار به آهي


books.sindhsalamat.com

۽ چڱا چوکا مضمون لکيا اَٿائين.

پيگوان جو هڪ ڪتاب ’نامڪنيا ناٽڪ نويس‘ هڪ انوکي ڍنگ جو آهي...سنڌي ناٽڪ نويسن جو درشن ڪرائڻ ۾ هڪ پهريون ئي سنڌيءَ ۾ ڪتاب آهي ۽ اَهڙو تعفو پيش ڪندي پيگوان لاشڪ کيرون لهڻيون.

**- ليلارام رُچنداڻي**

پيگوان نردوش ڪيترن سالن کان چند وزن ۾ شعر چئي رهيو آهي. سنڌس پهريون مجموعو ”چنڊ ڪئي چاندني“ ۽ پوءِ ٻارن لاءِ ڪويتائون ”رنبرنگي ڦوڪڻا“ اِهو به مجموعو ڪنهن به شاعرکي پختو بڻائڻ لاءِ ڪافي آهن... پيگوان نردوش غزلگو شاعرطورگهڻو اڳتي نکري چڪو آهي. سنڌس غزل سنگره ”غزلن جي گوُنج“ مجموعو منهنجي هٿ ۾ آهي. (٢٠١٨) سنڌس قلم هاڻي وڏيڪ تاثيرچڏي رهيو آهي.

**- ارجن حاسد**


www.sindhsalamat.com

الُفت جو اَگر ڪِٿ سازُ وڄي،
ڪلفت جو اُت نِياڳُ پڄي!

دل جي اَندر، ارمانَ سوين-
پورا ٿين، ڪشمڪش ٿي هلي!

ماڻهپو مرم اگر سڃاڻون-
هرجا پو، سڀ ڪي مانُ ملي!

ايرڪا صحت لئہ خطرو آهي،
مَنَ مان ٻاهر هاڃ ئي ڪڄي!

ڪيڏو مهان ديپڪ آهي-
ٻجلي وڄي، ٿو روشني ڏئي!

’نردوش‘! ماڻهو سچو اُهو-
جو، نيڪيءَ سان نانءُ ڪڍي!



# हिन किताब बाबत

हिन किताब खां अॻु मुंहिंजा कुल १९ किताब नसर-नज़म में छपियल आहिनि, जिनि में चङा ग़ज़लुनि जा किताब आहिनि, ॿ अलॻ-अलॻ फारम में लिखियल शइर आहिनि ऐं ॿाल गीतन जो मज़मूओ ''रिमझिम-रिमझिम'', ''रंगबिरंगी फूकणा'' बि अची वञनि था त ॿ अनुवाद कयल किताब सिंधीअ मां गुजरातीअ में १. ''ॿा तू जाणे छे'' ऐं (मोनोलाग) लेखकु : वासुदेव ''निर्मल'' २. ''संघर्ष'' (कहाणियूं)- लेखक - ए.जे. उत्तम। हाणे ग़ज़लुनि जो छहों गुलदस्तो तव्हां जे हथनि में आहे। मां पंहिंजे बारे में छा लिखा, बस पंहिंजा चार शइर ॾियां थो, जुदा जुदा गज़लुनि जे मज़मूअनि मां, बाक़ी ॿिया मुंहिंजे बारे में ख़ुवाह किताब बाबत छा था लिखन, इहे कोरियल के टुकरा ॾियं थो। पहिरीं मुंहिंजा चार ग़ज़ली शइर :

पर कटियल मां परंदो आहियां,
ताजुब थमि कीअं उडुंदो आहियां!
निर्मल निर्मल नेण निमाणा,
'निर्दोष' ककर उते वसे थो!
फ़क़ति हिक चिणंग ई घुरिजे जलाइ लाइ,
खपे सागर, लॻीअ खे बुझाइण लाइ,
सिंधी हरजा पियो सॾिजां जे-
आ, असर सो, अमड़ जी लोली जो!

हाण ॾियो त ॿिया छा था चवनि :

''चंड कई चांडणा'' शइरनि जो मज़मूओ 'निर्दोष' खे अवाम अॻियां आंदो, उन खांपोइ संदसि क़लम में वधीक जुंबिश जाॻी आहे, मुंहिंजो नतीजो आहे। ताज़ो शायइ थियल संदसि ॿाल कविताउनि जो मजमूओ ''रंग बिरंगी फूकणा'' जंहिं में ॿारनि सां वास्तो रखंदड़ि दिलचस्प विषय वारियूं कविताऊं ''रंग बिरंगी फूकणा'' बणिजी नंढड़नि ऐं वॾड़नि जे हथनि ताईं आयूं आहिनि। संदसि कविताउनि खे पढ़णि बइद ईएं महिसूस थींदो त हिन ॿार जे मन खे परखियो आहे, समझियो आहे ऐं उहो ई सबबु आहे जो संदसि ॿाल कविताउनि में हक़ीक़तनिगारी कोटां टोक भरियल आहे।

- डॉक्टर लखमीचंद प्रेम

उल्फत जो अगर किथु साज़ वज,
कुल्फत जो उत निभाग भजे !

दिल जे अंदर, अरमान सवें-
पुरा थीयन, कशमकश थी हले !

माण्हपो मरम अगर सुञाणूं-
हरजा पो, सभ ख़े मानु मिले !

इरखा सहत लाइ ख़तरो आहे,
मन मां बाहिर हाण ई कजे !

केदो महान दिपक आहे-
बिजली वञे, थो रोशनी दिये !

"निर्दोश"! माण्हु सचो उहो-
जो, नेकीअ सां नाउं कढे !


books.sindhsalamat.com

رکي مُرڪ ۾ زهر، نفرت نظر ۾،
تنهن سان اسان چئو، ياري نڀايون؟

ڪيون ڪا نہ ڪوشش ٿئي ڪُوڙ ظاهر-
ٿين دور ازخود ٻُرنِ جون ٻُرايون!

ڪٽي آرسي اُن ۾ هاڻي نهاريون،
۽ پنهنجون اوڻايون دلين مان ٻُهاريون!

ڪيون پيارُ پنهنجي ٿي ٻوليءَ کي چو ڪينَ؟
اجايو چو ڏاريءَ ٻوليءَ کي پڏايون؟

اچي ٿو ڪري اِنگلش ۾ ڳِٽ مِٽ-
خوشامد ڪري چو، اُن کي پڏايون؟

سَيَنِ کي لڳي پنهنجي ڀاشا ٿي پياري-
اَسين پوءِ سنڌي چو پنهنجي ڀُلايون؟

ڪيو واعدو هاڻي سڀ ٿي تہ هرگز -
نہ پنهنجي سنڌيءَ کي چڏيون ڀُلائي!


www.sindhsalamat.com

آهہ سادگي جڻ ظُلمُ وڏو-
هوشياريءَ جو شانُ وڌيو آ!

ڪرم بہ آهي ڌرم بہ آهي،
مگر شرم، ڏُک ۾ رهيو آ!

سرڪار تہ ڪنيا قدم گهٽائي،
ديش جو آدم، ڪٽي گهٽيو آ؟

آهِہ غريبي اڃا گهٽي هِتِ،
بي علميءَ جو ڪاٽُ وڏو آ!

ڏيڻ نہ سکيو اڄ جو ماڻهو-
ڏانءُ، وٺڻ جو خاص وڌيو آ!

شڪر ڪريون، ’نردوش‘! هاڻ-
هر هنر هتي قدم ڌريو آ!



रखी मुरक में ज़हर, नफरत नज़र में,
तंहिं सां असां छो, यारी निभायूं ?

कयुं का त कोशिश थिये कूड़ ज़ाहिर-
थीयन दूर इज़ख़ुद बुरन जूं बुरायूं !

ख़णी आरसी उन में हाणे निहारीयूं,
एं पंहिंजूं उणायूं दिलिल मां बुहारीयूं !

कयूं प्यार पंहिंजे ई बोलीअ खे छो कीन?
अजायो छो धारीअ बोलीअ खे पदायूं?

अची थो करे इंग्लिश में गिट मिट-
ख़ुशामद करे छो, उन खे पदायूं?

सभन खे लगे पंहिंजी भाषा थी प्यारी-
असीं पोइ सिंधी छो पंहिंजी भुलायूं?

कयो वायदो हाणे सभ ई त हरगज़-
न पंहिंजी सिंधीअ खे छदियूं भुलाए !

आह सादगी जण जुल्म वदो-
होशियारीअ जो शान वधियो आ !

कर्म बि आहे धर्म बि आहे,
मगर शर्म, दुख में रहियो आ!

सरकार त ख़ंया क़दम घणा ई,
देश जो आदम, किथे घटियो आ?

आह ग़रीबी अञा घणी हितुं,
बे इल्मीअ जो ख़ादु वदो आ !

दियण न सिखयो अजु जो माण्हु-
दाउं, वठण जो ख़ास वधियो आ !

शुक्र करियूं, "निर्दोश"! हाणु-
हर हुनर हिते क़दम धरियो !



وقت اسان کان ٿو حساب پُڇي،
تڏهن سنڀالي ٿو ماڻهو هلي!

ميڻ بتي ٿي، جلي تڏهن ئي-
ميڻ جڏهن ٻيي، ٿي پاڻ رِجي!

وقت سان نہ جو قدم ملائي-
جيون پنهنجو مشڪل سان ڪٽي!

دؤلابي ڪو، ڪيڏو بہ لڪي-
نيٺ پڪڙجي ٿو اُهو پوي!

خامُ خيالي ۾ وقت وڃائي-
هاڻ مگر ڇو پاڻ ٿو پِٽي؟

هاري محنت جو ٿَو قائل-
ورکا کان اڳ ئي ٻِڄُ ٿو ڇٽي!

جڳ کي تڏهن ٿو روشني ڏئي،
ڏينهن سڄو ٿو جڏهن جلي!

نگاهن ۾ نفرت لڪائي رکن جي-
پري ڪان اُنهن کي سڃاڻي وڃون ٿا!

نگاهون ته دهشت جون ٿَوَ پڌريون-
نظر پنهنجي تن تي ٽڪائي هلون ٿا!

رکن دشمني جيڪي بي وَجهه ئي-
اسان دوستي ڪئن، نڀائي سگهون ٿا؟

ڏسون ڍَنگَ جي، ڍونگين جا به ڪيئين،
اسان ويسَ پنهنجا مٽائي هلون ٿا!

هڄن يارَ ويجها، اسان جا ڪٽي پِي،
اسان ياري تن سان نڀائي ڇڏيون ٿا!

اچي ڪوڙَ جو، جي ظلم ويجهو ته جَهِٽ،
وڏي سچ کي هڪدم لڪائي رکون ٿا!



www.sindhsalamat.com

वक़्त असां खां थो हिसाब पुछे,
तदहिं संभाला थो माण्हु हले !

मेणबत्ती थे, जले तदहिं ई-
मेण जदहिं भी, थी पाण रिजे !

वक़्त सां न जो क़दम मिलाए-
जीवन पंहिंजो मुश्क सां कटे !

दौलाबी को, केदो बि लिके-
नेठ पकड़जे थो उहो पवे !

ख़ामु ख़्याली में वक़्त विञाए-
हाणु मगर छो पाण थो पटे?

हारी महेन्त जो थव कायल-
वर्खा खो अग ई बिज थो छटे !

जग खे तदहिं थो रोशनी दिए,
दिंहुं सजो सिज थो जदहिं जले !



books.sindhsalamat.com

وڏي رات سيتل ستارن ڀَري،
ڏِسان بَسِ، ڏِسان مان سا، ئي گهڙي!

پِسان سونهن سُهاني جتي مان ڪائِي-
اَکين ۾ اُها بيٺي اڄ ڀِي تَرِي!

هجان دور ڪيڏو ڀلي مان، مگر-
سڄڻ جي اچان ياد ڪِينَ آهي وسري!

اچي روحُ ريجهائي منهنجو اُها-
ٿِي چاهت ۾ آ چڻ سا، چري!

بڻِي ياد پيئي هٿن ۾ هٿڪڙي،
آ حالت بڻي منهنجي اڄ اَجنبِي!

لڳي، 'نردوش'! جيون ۾ وسري نٿي،
اچيو ذَهِنَ ۾ بيهي سا، هر گهڙي!


www.sindhsalamat.com

निगाहुन में नफ़रत लिकाए रखन जे-
परे खां उन्हन खे सुञाणे वञुं था !

निगाहुं त दहशत जूं थव पधरीयूं-
नज़र पंहिंजे तन ते टिकाए हलुं था !

रखन दुश्मनी जेके बेवजह ई-
असां दोस्ती कीअं, निभाए सघुं था ?

दिसूं ढंग जी, ढोंगीन जा बि कींएं,
असां वेस पंहिंजा मटाए हलुं था !

हुजन यार वेझा, असां जा किथे भी,
असां यारी तिन सां निभाए छदियूं था !

अची कुड़ जो, जे ज़ुल्म वेझो त झटु,
वधी सच खे हिकदम, लिकाए रखुं था !


books.sindhsalamat.com

سُياءَ جي هوءَ تہ سڀاجھي آ،
سونهن بہ سندس نياري آ!

ذهن مان سندس ياد نٿي وڃي-
مهنو گذرندي بہ تازي آ!

پاڪُ پريم جو جامُ هٿن ۾،
جهلي پياري، ڇلڪي پيالي!

اَڇي نياپو، ڇڻ نئون جياپو،
پوءِ تہ ڇوڏر هُبڪاري !

جُڙيل رهن ٿيون دل جون تارون-
رفتارَ وڇڻ جي جاري آ !

’نردوش‘! سدائين بهار رهي،
سُڳنڌ سندي جا ڦُلواڙي آ!



www.sindhsalamat.com

वणो रात सीतल सितारन भरी,
दिसां बस, दिसां मां सा, ई घड़ी !

पिसां सूंह सुहानी जिते मां काई-
अखिन में उहा बीठी अज भी तरी !

हुजां दूर केदो भली मां, मगर-
सजण जी अञां याद कीन आहे विसरी !

अची रुह रीझाए मुंहिंजो उहा-
थी चाहत में आ जणु सा, चरी !

बणी याद पेई हथन में हथकड़ी,
आ हालत बणी मुंहिंजी अज अजनबी !

लगो, "निर्दोश"! जीवन में विसरी नथी,
अचेव ज़हन में बीहे सा, हर घड़ी !



books.sindhsalamat.com

सुभाउ जी हुअ त सबाझ़ी आ,
सूंह बि संदस नियारी आ !

ज़हन मां संदस याद नथी वञे-
महेनो गुज़रन्दे बि ताज़ी आ !

पाकु प्रेम जो जामु हथन में,
झ़ले प्यारी, छलके प्याली !

अचे न्यापो, जणु नओं जियापो,
पोइ त चौधर हुबकारी !

जुड़ीयल रहन थियूं दिल जूं तारुं-
रफतार वजण जी जारी आ !

"निर्दोश"! सदाई ॱ बहार रहे,
सुगन्द संदी जा फुलवाड़ी आ !



هيرَ اسُرَ جي ٿي خوُب وٽي،
نِنڊَ اَچي ٿي پو، گهري وڃي!

سَچَ کي ٻڌڻ جي همت آهي،
ڪوُڙ کي تڏهن ٿو تاءُ اَچي!

ڪئن بدلايون فطرت پنهنجي،
ڪرسيءَ تي وِهون، اُٺاءُ ڪپي!

هجي غريب ڪو ڪٿي ڀيلي،
سادو ئي آدر ڀاءُ ڪپي!

ساڌو بٽي هوُ، مالها ڦيري-
ڪينَ ڏسڻ ٿو، سو لقاءُ وٽي!

حيات ۾ پسون ٿا وهنوارَ رنگَ-
جيون، اِنڊلٺي ٿو نماءُ لڳي!

ڏِسو ته ڪيڏي برسات وسي،
مهڪ مِٽيءَ جي آئي آهي!

گرميءَ ڪيو هو پريشان گهڻو-
هاڻي ٺڏاڻِ ٻُنَ ۾ آئِي آهي.

ڏَپَ ته ڏُڪر جو هاڻ نه ٿيندو،
هارين پڻ مؤجَ مچائي آ!

آهِه مٽيءَ جي مهما نياري،
پوکَ ڪرڻ لئه چڻ چائي آ !

نهن مٽيءَ مان ٿانوَ ڪيئين،
ٺڏي پاڻيءَ جي ڪم آئي آ!

مهڪ مٽيءَ مان اڇڻ لڳي آ،
مينهن وسارن مؤج مچائي آ!



हीर असुर जी थी ख़ूब वणे,
निंढ अचे थी पो, गहेरी वञे !

सच खे बुधण जी हिमथ आहे,
कुड़ खे तदहिं थो ताउ अचे !

किंयं बदलायूं फितरत पंहिंजी,
कुरसीअ ते विहुं, उठाउ खपे !

हुजे ग़रीब को किथे भले,
सादो ई आदर भाउ खपे !

साधु बणी हु, माल्हा फेरे-
कीन दिसण थो, सो लिक़ाव वणे !

हयात में पिसुं था वहेंवार रंग-
जीवन, इन्डलठी थो निमाउ लग !

दिसो त केदो बरसात वसे,
महेक मिटीअ जी आई आहे !

गरमीअ कयो हो परेशान घणो-
हाणे थधाण बुन में आई आहे !

डप त ज़िकर जो हाण न थीन्दो,
हारीन पिणु मौज मचाई आ !

आह मिटीअ जी महिमा नियारी,
पोख्र करण लाइ जणु जाई आ !

ठहन मिटीअ मां थांव कींअें,
थधे पाणीअ जी कमु आई आ !

महेक मिटीअ मां अचण लगो आ,
मींहं वसारन मौज मचाई आ !


books.sindhsalamat.com

آسَ چانڊوَ جي آ، رکي ويٺو،
تڏهن تہ اُسَ ۾ ئي جلي ويٺو!

ڪير ڀلا هُنَ کي سمجهائي؟
ياري ڀَرِ منٿُين ڪري ويٺو!

قاعدا ڀڃي ٿو سرڪاري روزُ،
ڏنڊَ تڏهن ڪيڏا ڀري ويٺو!

آهِہ آدمي اُهو ڪو ٻهروپي،
روز نئون روپُ ڌري ويٺو!

ڪوڙيون باداميون ڪائي نہ سگهيو،
پر تيل اُنهن مان ڪڍي ويٺو!

آهِہ بد امني ڌنڌو هن جو،
پر نانءُ امن جو جپي ويٺو!

’نردوش‘! ڏڪي پنهنجي مڪاري،
سچ کي سڌڙو بہ ڪري ويٺو!


www.sindhsalamat.com

आस छांव जी आ, रखे वेठो,
तदहिं त आस में ई जले वेठो !

केरु भला हुन खे समझाए ?
यारी पर मतड़ीन करे वेठो !

क़ायदा भञे थो सरकारी रोज़,
दंड तदहिं केदा भरे वेठो !

आह आदमी उहो को बहरुपी,
रोज़ नओं रुप धरे वेठो !

कौड़ीयूं बादामीयूं खाई न सघियो,
पर, तेल उन्हन मां कढे वेठो !

आह बद अमनी धंधो हिन जो,
पर, नाउं अमन जो जपे वेठो !

"निर्दोश"! ढके पंहिंजी मकारी,
सच खे सदिड़ो बि करे वेठो !



سونهن سِڪائڻ واري وٽي،
سادي ويس ۾ ٿي خاص ڄچي!

اڇي گلن کي، ريسَ اسان تي،
سندرتا ٿي بس، اهڙي کپي!

ڳالهہ ڳالهہ تي ٻوُٽ سُڄائي،
پوءِ تہ واڳڻ جان ٿي لڳي!

هڪ هڪ پيرُ هوءَ ٿي جڏهن کڻي،
ڇَمُ ڇَمُ ڇَمُ ڇَمُ ٿي ڇيڙَ ڪري!

ڪا تہ ڳِلا پيي ڪا، اهڙي هجي-
طَنِزَ نزاڪت جو سُڪون ملي!

ڪڏهن مُرڪي هوُ ٿو ڄاڻي-
تڏهن طبيعت ۾ سوخ رهي!

ڳالھہ ڳالھہ ۾ روئِي پوي ٿو،
ڏُکن جو هوُ، کو ڏڌل لڳي ٿو!

کوڙ چِڏيو ٿئي کو هيسائي،
تڏهن تہ سچ هوُ، کين سلي ٿو!

مغز سندس آ، پولو ٿي ويو-
هَٽ ۾ سائي جهنڊي جهلي ٿو!

لاپَ سيپيئي سندس اڏُامن-
سُسِتي ننڊ ۾ سُتل رهي ٿو!

ترقيءَ جي ٿَسِ، اوچائي ملي-
دشمن هن جو ٿو تڏهن جَلي!

سيئي هن ڏي پيا ٿا نهارين،
مورک آ، ٿو سياٽي تي کِلي!



सूंह सिकाइण वारी वणे,
सादे वेस में थी ख़ास जचे !

अचे गुलन खे, रीस असां ते,
सुंदरता थी बस, अहेड़ी खपे !

गाल्ह-गाल्ह ते बथ सुजाए,
पोइ त वाङण जां थी लग !

हिक-हिक पेरु हुअ थी जदहिं खणे,
छम-छम, छम-छम थी छेर करे !

का त गिला भी का, अहेड़ी हुजे-
तनज़ नज़ाकत जो सुकून मिले !

कदहिं मुरकी हु थो जाणे-
तदहिं तबीयत में सोख़ रहे !

गाल्ह-गाल्ह में रोई पवे थो,
दु:खन जो हु, को दुदल लगे थो !

कुड़ छदियो थिये को हिसाए,
तदहिं त सचु हु, कीन सले थो !

मग़ज़ संदस आ, पोलो थी वियो-
हथ में साइ झंडी झले थो !

लाभ सभेई संदस उदामन-
सुसती निंढ में सुतल रहे थो !

तरक़ीअ जी थस, ऊंचाई मिले-
दुश्मन हिन जो थो तदहिं जले !

सभेई हिन दे पिया था निहारीन,
मुर्ख आ, थो सियाणे ते ख़िले !



اَڪ جي ھُٻڪارَ سُڃاڻي پو-
خاص ڪڏاڻ محسوس ڪيون ٿا!

سوُنهن جڏهن ٿي تڪي اسان ڏي-
مُرڪ مِنيءَ سان ماڻُ ڏيون ٿا!

مَهِٽا مهاڻو جان پيو ٿو ڏئي-
خاموشيءَ سان سي بہ سهون ٿا!

ڀانت ڀانت جا ماڻهو ڏسجن-
سمجهي پو، وهنوار ڪيون ٿا!

هر شهر ڪي رونق پنهنجي،
پنهنجي شهر تي ساهُہ ڇڏيون ٿا!

متان نهاري پيارَ وچان هوءَ-
’نردوش‘! تڏهن اکيون پڇون ٿا!

حيات اسان جي شِشِ محل آ،
اُن ۾ پسون پنهنجا روپ هزار!

آڪاش ۾ ٿا پو لارُ ڏسون،
روپَ انهيءَ ۾ ٿا ڏسون اپار!

هرڻ ڊڪي ٿو خوشبوُ ڳولهڻ-
ڌَنَ ۾ ٿِس ڪستوري ڀنڊار!

ليلا، هِرن هارَ تي هرڪي،
هو وڪٽي چڏيو پنهنجو ڀتار!

ڪين وٽي خالي دٻو، بوتل-
پر، خالي جڻ سارو سنسار !

هاري ٻڄن ڪي رکي سنڀالي،
ڏِن ڪي ڏيندو پوڪ آڪار.



www.sindhsalamat.com

अख़ जी हुबकार सुञाणे पो-
ख़ास कुधाण महेसूस कयूं था !

सूंह जदहिं थी तके असां द-
मुरक मिठीअ सां मानु दियूं था !

महेणा मुहाणा जां पियो थो दिए-
ख़ामोशीअ सां से बि सहुं था !

भांत-भांत जा माण्हुं दिसजन-
समझी पो, वहेंवार कयूं था !

हर शहेर खे रोन्क़ पंहिंजी,
पंहिंजी शहेर ते साहु छदियूं था !

मतां निहारे प्यार विचां हुअ-
"निर्दोश"! तदहिं अखियूं भञुं था !



books.sindhsalamat.com

ह़यात असां जी शिशु मह़ेल आ,
उन में पिसुं पंहिंजा रुज हज़ार !

आकाश में था पो लार दिसूं,
रुप उन्हीअ में था दिसूं अपार !

हरण ढुके थो ख़ुश्बु गोल्हण-
दुन में थसु ख़स्तूरी भंडार !

लीला, हिरन हार ते हिरख़े,
हु विकणे छदियो पंहिंजो भतार !

कीन वणे ख़ाली दबो, बोतल-
पर, ख़ाली जणु सारो संसार !

हारी बिजन ख़े रख़े संभाले,
तिन ख़े दिन्दो पोख़ आकार !



ڪيَن ڪڏهن ٿو رازَ لڪايان،
جَڳَ ساري ۾ ظاهر آهيان!

شعر لڳن ڄڻ سمنڊ جو جَلُ،
ٻاڦ بڻائي اُڏائڻ چاهيان!

خامُ خيال جي، من ۾ اڇن ٿا-
پوءِ لڳي ائين، بدتر آهيان!

ماحولُ جتي شانت ڏسان ٿو-
ڪيَن بکيڙو اُتِ ڪو ڪيان ٿو!

سوچُ جو دائرو وسيع ڪيان ٿو،
شاعريءَ جي ائين وشال بڻايان!

گهاوَ وفا جا چاهَه مان سهان،
تڏهن بڻيو مان شاعر آهيان!

कीन कदहिं थो राज़ लिकायां,
जग सारे में ज़ाहिर आहियां !

शइर लगण जणु समंढ जो जलु,
बाफ़ बणाए उदाइण चाहियां !

ख़ाम ख़्याल जी, मन में अचन था-
पोइ लगे इएं, बदतर आहियां !

माहोल जिते शांत दिसां थो-
कीन बखेड़ो उत को कयां थो !

सोच जो दायरो वसीय कयां थो,
शायरीअ जी इएं विशाल बणायां !

घाव वफा जा चाह मां सहां,
तदहिं बणियो मां शायर आहियां !



ڪٻٽ ڪتابن سان ڀري ويو آ،
ڪتاب ٻيا هاڻ ڪجهه ڪٿي رکان؟

گهر ۾ چون : ڪٻٽ ڪپي خالي،
ڪي، ٻيا اچن ٿا، ڪئن مان چوان؟

سانڍيا ڪيڏا ويچار اندر جا-
شعر لکڻ لئه ٿو پنا ڪٽان!

سوچَ سدائين خلقي غزل ٿي،
سوچيندو ٿو مان تڏهن رهان!

شعرن کي مان ڦولن وانگر،
شؤَق وچان ٿو مالها ۾ پويان!

هر گُل کي آ، سڳنڌ پنهنجي،
وَرَ وَرَ پيو ٿو سُڳنڌ وڻان!

مِٺو گهرو هڪ گهاءُ آهي،
ڏيندو گهٽو سو، ايذاءُ آهي!

مهمان ٻڻو اُتي وڃي سڀ،
ملندو جتي آدر ڀاءُ آهي!

ڪوڙن جو سچن جي وچ ۾ واڪو،
ڏِسو تہ ڪيڏو اُناءُ آهي!

اڳتي وڌڻ جي، جو، حسرت رکي-
مقصد منزل ئي ماڳُ آهي!

سُکَ جي ويجهو سدا رهن ٿا،
جِنِ بہ سٺو ڏُکَ جو ٿاءُ آهي!

رکي اڏمبر، ٿين سرو ڪُرو-
’نردوش‘! اِهو ڏيکاءُ آهي!



www.sindhsalamat.com

कबटु किताबन सां भरे वियो आ,
किताब बिया हाणु कुझ किथे रखां ?

घर में चवनः कबटु ख़पे ख़ाली,
के, बिया अचन था, किअं मां चवां ?

सांढियां केदा विचार अंदर जा-
शइर लिखण लाइ थो पना खणां !

सोच सदाई ख़लके ग़ज़ल थी,
सोचीन्दो थो मां तदहिं रहां !

शइरन खे मां फुलन वागिंर,
शौक़ विचां थो माल्हा में पोयां !

हर गुल खे आ, सुगन्द पंहिंजी,
वर वर पियो थो सुगन्द वठां !



books.sindhsalamat.com

महेणो गहेरो हिकु घाव आहे,
दिन्दो घणो सो, इज़ाव आहे !

महेमान बणो उते वञी सभु,
मिलन्दो जिते आदर भाव आहे !

कुड़न जो सचन जे विच में, वाहु,
दिसो त केदो उठाव आहे !

अगिते वधण जी, जो, ह़सरत रखे-
मक़सद मंज़िल ई माग आहे !

सुख जे वेझो सदा रहन था,
जिन बि सठो दुख जो ताव आहे !

रखे अढम्बर थीयन सरो खरो-
"निर्दोश"! इहो देखाव आहे !



طوُفان هليو اِنقلاب جو آ،
چا ڪندڙ هوُ، ساگر جل آهي!

دهشت جو دَٻُ آ، تڏهن ئي،
چوڌار معاملو منل آهي !

مشڪل سان هاڻ نظر اَچي،
هِت فوجي قدم ڪنيل آهي!

هاڻ اندر ئي هلن وِروڌ ٿا،
سياست ۾ پيو ڪو خلَل آهي!

ساهِہ ڏسي ٿو پنهنجي ائين جڻ-
گرم ڪير جو هوُ جليل آهي!

’نردوش‘! لڳي ڪنڌهر جيون،
سوچَ اِنهيءَ ۾ بُڏل آهي !

تूफान हलियो इंज़लाब जो आ,
छा कंदड़ हु, सागर जल आहे !

दहशत जो ढपु आ, तदहिं ई,
चौधर मामलो मतल आहे !

मुशकल सां हाण नज़र अचे,
हित फौजी क़दम ख़ंयल आहे !

हाणु अंदर ई हलन विरोध था,
सियासत में पियो को ख़लल आहे !

साह दिसे थो भजे इंएं जणु-
गरम खीर जो हु जलील आहे !

"निर्दोश"! लगे ख़ंडहर जीवन,
सोच इन्हीअ में बुदल आहे !



books.sindhsalamat.com

محل واريءَ جو ٿو هوُ شاهي،
خيالن جو، سو تہ پلاءُ آهي!

ڏوهن جو گهرو ٻرجي ويو ٿِس،
ڪيس هاڻ ٿو وويڪ ڪائي!

ٻُلون ڪري سُتنُت سڌاري-
ائين ڪري ٿو عزت بچائي!

ماڻهو سڀئي اُن تي ڪِلن ٿا-
جيڪو وينو بس، پاڻ پڌائي!

وقت تہ اهڙو آيو آهي،
چِني انگورُ گدر ٿو ڪائي!

اٽڪل شتڪل هاڻ سڪي هرڪو-
ٿو، چالاڪيءَ جو سرهو پائي!

ويچارو ٿو ’نردوش‘ لڳي،
دوستن سان ٺڳجي وڃي!



www.sindhsalamat.com

سدا رهي ٿي آس اکين ۾،
تڏهن هجي ٿي پياس اکين ۾!

رنگبرنگي ٿو قوُل پسان،
رنگين فضا ڪري راسَ اَکين ۾!

اچي نراشا من ۾ جڏهن-
جڻ ڀاسي ٿي اُماسَ اکين ۾!

دوُر سڄڻ کان جڏهن رهون ٿا-
پو، ڀاسن ٻنواسَ اکين ۾!

جيون ڀاسي جوش جو چشمو-
ارمانن جا سُواسَ اکين ۾!

جڏهن نراشا اَچي اَندر ۾-
ٿئي دُکن جو داسُ اکين ۾!



महेल वारीअ जो थो हु शाही,
ख़्यालन जो, सो त पलाउ आहे !

दोहन जो गहेरो भरजी वियो थसु,
खेस हाण थो विवेक खाई !

भुलूं करे सुतत सुधारे-
इंएं करे थो ईज्ज़त बचाए !

माण्हूं सभई उन ते खिलन था-
जेको वेठो बस, पाण पदाए !

वक़्च त अहिड़ो आयो आहे,
छिने अंगूर गिदर थो खाए !

अटक शटक हाण सिखे हरको-
थो, चालाकीअ जो सरहो पाए !

वेचारो थो "निर्दोश"! लगे,
दोस्तन सां ठगजी वञे !



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

सदा रहे थी आस अख्रिन में,
तदहिं हुजे थी प्यास अख्रिन में !

रंगबिरंगी थो फूल पिसां,
रंगीन फिज़ा करे रास अख्रिन में !

अचे निराशा मन में जदहिं-
जण भासे थी उमास अख्रिन में !

दूर सजण ख्रां जदहिं रहुं था-
पो, भासन बनवास अख्रिन में !

जीवन भासे जोश जो चश्मो-
अरमानन जा सुवास अख्रिन में !

जदहिं निराशा अचे अंदर में-
तए दुख्रन जो दासु अख्रिन में !



اوچتو ڪيو مون هڪ ويچارُ،
غزل لکڻ لئہ ٿي ويسُ تيار!

دماغُ، خيالن جي کاڻ آهي،
تڏهن تہ رچنا جو، هي سنسار!

ڏِسو تہ ڪيڏو مينهُن پيو آ،
حق تي هرجا ٿيو ٽڏڪار!

هرهنڌ اسان سچ آ ٻوليو،
بَسِ سچ جي جِتِ ڪِتِ جئہ جئڪار!

ڪري پيو ڪيڏي نہ تکڙ هوُ،
جڻ تہ لڳي ٿو گهوڙي تي سوار!

’نردوش‘! آ، وقت جي ٻلهاري،
ڪيو سيئي اُن جو سنڪار!

ओचितो कयो मूं हिकु विचारु,
ग़ज़ल लिखण लाइ थी वियुस तैयार !

दिमाग़, ख़्यालन जी खाण आहे,
तदहिं त रचना जो, ही संसार !

दिसो त केदो मीहुं पियो आ,
हक़ ते हरजा थियो थधकार !

हर हन्ध असां सचु आ बोलियो,
बसु सच जी जित-किथ जय जयकार !

करे पियो केदी न तकड़ हु,
जणु त लग थो घोड़े ते सवार !

"निर्दोश"! आ, वक़्त जे बलिहारी,
कयो सभई उन जो सतकार "निर्दोश"!



ڪِلَ خوشيءَ سان دِلِ وندرايون،
جيون پنهنجي ائن جرڪايون!

کارَ تہ ڪائڻ سان صحت بَهي،
پيارُ ڏيڻ ڪو پيار بہ پايون!

ديشُ، بَڏيءَ ٻل تي وڌندو آ-
نفرت کي اچو، دور هٽايون!

ڳَٽنين ۾ ڳرڻ جي آ، ڳالهہ ٻُري-
مرڻ نہ، پر ٿا، جئڻ چاهين!

اُميد دل ۾ جيسين قائم-
راهون ترقيءَ جو پو، سٽايون!

پريت نيائن 'نردوش'! سکيو-
ڳالهہ اها، چا لاءِ لڪايون!

سانوڻ آندا ڏينهن سياڳا،
تڏهن خوشيءَ جا گيت ڳاتا!

سج - چنڊ تہ شرمائجي ويا-
ياد آئي اڄ ڪا، ڪنهن جي آ!

سادي، سودي دل آ، سانجهي-
نيڻ مِلائڻ مهمل ٿي ڦڙڪيا!

گورو بدن ۾ ڪاجل نيڻن-
محب جا مٿان، هي قرب مليا!

هلڪي هلڪي هيرَ هلي ٿي،
دل ۾ ڪئين ارمان جاڳيا!



खिल ख़ुशीअ सां दिल विन्दरायूं,
जीवन पंहिंजी इएं जरकायूं !

ख़ार त खाइण सां सहेत ढहे,
प्यारु दियण को प्यार बि पायूं !

देशु, बधीअ बल ते वधन्दो आ-
नफरत खे अचो, दूर हटायूं !

गणतीन में गरण जी आ, गाल्ह बुरी-
मरण न, पर था, जीअण चाहिन !

उमीद दिल में जेसी ˙ क़ायम-
राहुं तरक़ीअ जो पो, सुणायूं !

प्रित निभाइन "निर्दोश"! सिखियो-
गाल्ह इहा, छा लाइ लिकायूं !

सांवण आन्दा दिंहं सभागा,
तदहिं ख़ुशीअ जा गीत गाता !

सिज-चन्ड त शरमाइजी विया-
याद आई अजु का, कंहिं जी आ !

सादी, सुदी दिल आ, सांजी-
नण मिलाइण महमुल थी फ़ड़किया !

गोरो बदन ऐं काजल नेणन-
महब जा मथां, ही कुर्ब मिलिया !

हलकी हलकी हीर हले थी,
दिल में कअें अरमार जागिया !



ڀاسي هو ٿو عاقل وانگر،
وهنوار لگر جاهل وانگر!

ڏيندي ڪين آ ٿڪبو ڪڏهن ٻيي-
آ، ڪشادہ دل ساعل وانگر!

آهہ اڪيلو تڏهن بہ ڪئن ٿو؟
موج مچائي محفل وانگر!

ويچارَ اچن ٿا دل ۾ اهڙا-
ڄڻ ڍاڪا جي، ململ وانگر!

’نردوش‘ لکيا غزل تہ ڪئين-
ڪي ٿا ڀاسن مسلسل وانگر!

भासे हु थो आम वान्गिर,
वहेंवार लगर जाहिल वान्गिर !

दिन्दे कीन आ थकिबो कदहिं भी-
आ, कुशादह दिल साइल वान्गिर !

आव अकेलो तदहिं बि कीअ था?
मौज मचाइ महेफल वान्गिर !

विचार अचन था दिल में अहिड़ा-
जणु ढाका जी, मलमल वान्गिर !

"निर्दोश"! लिखिया ग़ज़ल त कअें-
के था भासिन मसलसल वान्गिर !



نہ، ساگر اڳيان هٿ آ ڦهليو،
منتا سمجهو نہ جيءُ هو اُڇارو!

رکيو ياد خود کي، محب کي-
نہ آهي ٻيو ڪو ئي چارو!

سمندر اڳيان هٿ نہ ڦهليو-
محبن بن، ٿي ويندو گذارو!

نہ آهي سدا رات قائم-
رهي ڳالهہ ياد، سا بہ يارو!

ٻڄي چو هلون هُنَ کان يار؟
هڃي ماڻهو ٿلهو منارو!

ڪَرمَ ساڻ کلندو 'نردوش'!
اسان جي نصيب جو ستارو!

न, सागर अगियां हथ आ फहेलियो,
मतां समझो न जीउ हु उञारो !

रखियो याद खुद खे, महुब खे-
न आहे बियो कोई चारो !

समंदर अगियां हथु न फ़हलियो-
महुबन बिन, थी वेन्दो गुज़ारो !

न आहे सदा रात क़ायम-
रहे गाल्गु याद, सा बि यारो !

ढिजो छो हलूं हुन खां यार ?
हुजे माणहुं थुल्हो मतारो !

कर्म साणु खिलन्दो "निर्दोश"!
असां जे नसीब जो सितारो !


books.sindhsalamat.com

آرسيءَ ڪان پري ڀڄي ٿو وڃي،
پاڻ ڪان پاڻ هوُ ٻڃي ٿو وڃي!

آزمودا ملن پيا جَڳَ جا،
وقت تي گارِ هوُ سهي ٿو وڃي!

گفتگو زندگيءَ ۽ موت جيِ آ-
ڪو، سياڻپ سان، سا ٻڌي ٿو وڃي!

ڏينهن گذري ويو، مون ڪجھ نہ ڪيو،
سِڄُ تہ جهٽ پٽ هتي لهي ٿو وڃي!

اَمن سان ڪين هوُ جيئڻ چاڻي-
هُٽَ جي لڙ تہ سان نهِي جُڙي ٿو وڃي!

هوُ هجي ڏُتِ شراب ۾ ٿو جڏهن-
پوءِ تہ بڪ بڪ ۾ سچ چئي ٿو وڃي!

جنهن کي ايندو جئن جو ڏانءُ آهي-
جَڳَ سان 'نردوش' سو، نهي ٿو وڃي!


www.sindhsalamat.com

आरसीअ ख्वां परे भजो थो वञे,
पाण ख्वां पाण हु ढिजे थो वञे !

आज़मुदा मिलन पिया जग जा,
वक़्त ते गार हु सही थो वञे !

गुफ्तगु ज़िन्दगीअ ऐं मौत जी आ-
को, सियाणप सां, सा बधी थो वञे !

दिंहुं गुज़री वियो, मुं कुझु न कयो,
सिजु त झट पट हिते लही थो वञे !

अमन सां कीन हु जीअण जाणे-
हुड़ जी त सां ठही जुड़ी थो वञे !

हु हुजे धुत शराब में थो जदहिं-
पोइ त बक बक में सचु चई थो वञे !

जंहिं खे ईन्दो जीअं जो दाउं आहे-
जग सां "निर्दोश"! सो, ठही थो वञे !



چنڊ جي سيتلتا وڻندي آ،
گهڙي گهڙي ائن چوندي آ!

چانڊوڪيءَ جي رات سُهاني،
سارَ غم سندي لهندي آ!

سونهن نهاري نينهن منجهان ٿي-
سُکميہ هرڪا شيءِ لڪندي آ!

سڀ ڪي پنهنجو مرتبو آهي-
وقت ڏسي، لِنوَ لڳندي آ!

روپُ ڪوڙَ جو موهيندڙ آ پل-
اُنَ سان نہ ڪڏهن پر پوندي آ!

مند جڏهن پيي خوشنما هجي-
ڪوئل وڻ تي بس، لنوندي آ!

''نردوشَ!'' جي صاف نظر آهي،
دنيا ساري ئِي وڻندي آ!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڀَلُ آيو ڳوٺائي آهي،
ڪوتا ڪيس سُٽائي آهي!

تنهنجي نيڻن ۾ آ تجلو-
تنهن ۾ اُداسي ڀڄائي آهي!

مَنَ ۾ مدائي ڪين ڪا آئي،
يارَ ! اِها تہ سچائي آهي!

تنهنجي يادن جي ڪارڻ ئِي،
ٿِي حاوي، سڀَائي آ!

عشق ڪيوسين مؤج بہ ماڻي،
ڏنگ هٽي ٿي، جا، جدائي آهي!

رهي جڏهن ڀي ٿي تنهائي-
ڪيان شروع خود سان لڙائي!

ڪئي عمر ڀر آ، شبد ساڏنا-
دل، شهر ساڻ لڳائي آهي!

رهي جڏهن ھِتِ ئي تنهائي-
ڪريان شروع خود سان لڙائي!

- ’’نردوش‘‘ مليو لنبو جيون-
ياري هيءَ نڀائي آهي!



चंड जी सीतलता वणन्दी आ,
घड़ी घड़ी इंअ चवन्दी आ !

चांडोकीअ जी रात सुहानी,
सारु ग़म संदी लहन्दी आ !

सूंहं निहारे नींह मंझां थी-
सुख़मय हरका शइ लिख़न्दी आ !

सभ ख़े पंहिंजो मरतबो आहे-
वक़्त दिसी, लिवं लगन्दी आ !

रुप कुड़ जो मोहीन्दड़ आ भल-
उन सां न कदहिं पर, पवन्दी आ !

मंद जदहिं भी ख़ुशनुमा हुजे-
कोयल वण ते बक, लिवंदी आ !

"निर्दोश"! जी साफ नज़र आहे,
दुनिया सारी ई वणन्दी आ !



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ملي حياتي آهي چاڪاڻ؟
هاڻ حياتي، هاڻ ئي هاڻي!

دل ۾ آهي عشق ولوڙو-
گول ڦِري ٿي، اجا ماڏاڻي!

هلي اَندر ۾ طوفانُ پيو-
ارمانن جي سا، چڪناڻ!

آهِہ سيارو، سيءُ وڏيو آ-
پاڻ ڏي چڪي سَوَرِ ڪي تاڻ!

ڪوٺيندي پڻ ڪين ڪٿي ٿي،
آهِہ خيالن جي جيڪا ڪاڻ!

جيونُ ’نردوش‘! باغ لڳي ٿو،
هاڻي هينئر ئي سندرتا سرهاڻ!



www.sindhsalamat.com

भलु आयो गोठाई आहे,
कवता खेसु सुणाई आहे !

तुंहिंजे नेणन में आ तजलो-
दहिं में उदासी भजाई आहे !

मन में मदाई कीन का आई,
यार ! ईहा त सच्चाई आहे !

तुंहिंजे यादुन जे कारण ई,
थी हावी, सगाई आ !

ईश्क़ कयोसी˙ मौज बि माणी,
दग हणे थी, जा, जुदाई आहे !

रहे जदहिं भी थी तन्हाई-
कयां शुरु ख़ुद सां लड़ाई !

कई उमर भर आ, शब्द साधना-
दिल, शहेर साणु लगाई आहे !

रहे जदहिं हित ई तन्हाई-
करियां शुरु ख़ुद सां लड़ाई!

"निर्दोश"! मिलियो लंबो जीवन-
यारी हीअ निभाई आहे !



books.sindhsalamat.com

ٻُڪ جي ڪارڻ ضمير وڪڻي،
آهي مجبوري، هوُ ڇا ڪري؟

غَمَ ۽ خوشيءَ جي راهہ هلان پيو-
سنگهرش، جيون تڏهن ٿو بڻي!

ڳالهہ شرافت جي ٿي هلي هاڻي-
ڇو قدم هِي ٻوهہ ڏي هلي؟

پڇتايو هو، ڇو ڇئي سچ ويس-
هاڻ دشمني تحلڪو ٿو مچي!

سونهن ڪي ڏِسي ’نردوش‘! شايد-
مون جهڙو، بڻي ٿو ڪوي پوي!

عمر چڙهي چوٽ، تڏهن بہ ڇو؟
ٿو اِڇا، من جيئڻ جي رکي!



मिली ह़याती आहे छाकाणु?
हाणु ह़याती, हाणु ई हाणे !

दिल में आहे ईश्क़ विलोड़ो-
गोल फ़िरे थी, अजां माधाणी !

हले अंदर में तूफान पियो-
अरमानन जी सा, छिकताण!

आह सियारो, सीउ वधियो आ-
पाण दे छिके सवर खे ताणु !

खोटीन्दे पिणु कीन खुटे थी,
आह ख़्यालन जी जेका खाणु !

"निर्दोश"! जीवन बाग़ लगे थो,
हाणे ही ॅयर ई सुंदरता सुरहाण!

बुख़ जे कारण ज़मीर विकणे,
आहे मजबुरी, हु छा करे ?

ग़मु ऐं ख़ुशीअ जी राह हलां पियो-
संघर्ष, जीवन तदहिं थो बणे !

गाल्हु शराफत जी थी हले हाणे-
छो क़दम ही डोव दे हले ?

पछतायो हो, छो चई सचू वियस-
हाण दुश्मनी तहेलको थो मचे !

सूंहं खे दिसी "निर्दोश"! शायद-
मूं झाड़ो, बणी थो कवि पवे !

उमर चढ़े चोट, तदहिं बि छो?
थो इछा, मन जीयंण जी रख़े !



کيڏن وينا کيلُ کِلاڙي،
گهٽين ۾ پڻ کي مداري!

رهي دماغ ۾ دِلِ اُلجهن ۾،
ڏسِي ڏُرنگي دنيا ساري!

جيڪا نغمن باھہ آ ٻاري،
جَڳَ ۾ متي آ، هاهاڪاري!

ڇو الائي، سڏن پيا مورک؟
شايد سِکيس نہ دنياداري!

ڪاري ناٽي جي ھُٻڪاري،
وقت گهٽو لکل، نکتي هاٽيِ!

دوستُ اُھو ئي ’نردوش‘! جيکو،
ڏکئي وقت ۾ ڏي دلداري!

خेदण वेठा खेलु खिलाड़ी,
घीटीन में पिणु के मदारी !

रहे दिमाग़ दिल उलझन में,
दिसी दुरंगी दुनिया सारी !

जेका नग़मन बाह आ बारी,
जग में मती आ, हाहाकारी !

छो अलाए, सदन पिया मुर्ख?
शायद सिखियस न दुनियादारी!

कारे नाणे जी हुबकारी,
वक़्त घणो लिकल, निकती हाणे!

दोस्त उहो ई "निर्दोश"! जेको,
दुखिए वक़्त में दे दिलदारी!



پرمن سندو پولو آهي،
روحن لاء، سو رولو آهي!

ماڻهن کي ٿا ماڻهو مارِن،
آتنکي کو، ٽولو آهي!

ڏسجي پڙوسي هيرَ ٿڏي ٿو-
اَندر ۾ لُڪ جهولو آهي!

ڪيڏَ واعدن تي لڳندو هاڻ-
عوامُ نہ، کو ٻالو پولو آهي!

’نردوش‘! جي، داداگير ٻڌي،
شينهنُ بہ هنجو گولو آهي!

भरमन संदो भोलो आहे,
रुहृन ला, सो रोलो आहे !

माण्हुन खे था माण्हु मारीन,
आतंकी को, टोलो आहे !

दिसजी पड़ोसी थधी थो-
अंदर में लकल झोलो आहे !

कीन वायदन ते लगन्दो हाणु-
अवामु न, को बालो भोलो आहे !

"निर्दोश"! जी, दादागीर बणी,
शींहन बि हिन जो गोलो आहे !



روزَ نئون اپراڌ ڪيان ٿو،
پاڻ کي پاڻ، معاف ڪيان ٿو!

خام خيال ڪَنِ ميري ڳنگا،
مَنَ کي تڏهن ئي صاف ڪيان ٿو!

سُکَ جي تمنا، جراڦُ لنبو آ،
خوش ٿي خود تي، ڪڳيون هٽان ٿو!

روح ڏنو آ اِشارو-
تعصب ڪري اِسڪاف ٻڌان ٿو!

مَنَ جو مونجهارو مُنجهائي ٿو-
ڏُک ڪارڻ، بي آرام رهان ٿو!

جيءُ جهروڪو جيءُ ريجهائي،
جنجال جيءُ جو، دوُر ڪيان ٿو!

ڏسجن ڪيڏا سهڻا ماڻهو،
ڪي ڪي سيرت وارا ماڻهو!

شوخ طبيعت، گهنجيل چهرا،
ڄڻ ٽانڊائي ٽانڊا ماڻهو!

سونهن پسڻ جو هرڪو ڪانڪي-
واسُ وٺن ڪي، ڀؤنڙا ماڻهو!

مُرڪ منيءَ سان ڪَمَر جي، لڪائن-
لڳن اهي ٿا مٺڙا ماڻهو!

ٻهروپين جا ٻول ٻه مٺڙا-
ڀل ته ڇپائن چهرا ماڻهو!

قدر سونهن جو ڪري نه ڄاڻن-
سونهن تي ڏين پهرا ماڻهو!

لڳن پسون پڻ ڪڏهن ٿا-
ڪين اصل ۾ جهڙا ماڻهو!

'نردوش!' هجن ڪي، غدار ٻه-
آسي پاسي لئه خطرا ماڻهو!



रोज़ नओं अपराध कयां थो,
पाण खे पाण, माफ कयां थो !

ख़ाम ख़्याल कन मेरे गंगा,
मन खे तदहिं ई साफ कयां थो !

सुख जी तमन्ना, जराफु लंबो आ,
ख़ुश थी ख़ुद ते, खिगियूं हणां थो!

रुह दिनो आ ईशारो,
तासिब करे इस्काफ बधां थो !

मन जो मुन्झारो मुंझाए थो-
दुख कारण, बे आराम रहां थो !

जीउ झरोको जीउ रीझाए,
जंजाल जीअ जो, दूर कयां थो !

اُٿُ او غافل، اُٿ او غافل،
اَڀِ پَٽِ ڏِسُ، ٿِي آهي پرَهُه ڦٽي!

موهُه ۾ ممتا جا خوابَ اڃا،
لاهِه اکين تان ننڊَ جي پٽي!

سونهَن سڏي ٿي توکي غافل،
پيارَ مان آئي آ، چانهه ڪٽي!

خوش قسمت آهين ڪيڏو!
ميناج ڀري مليه مڏوُمتي!

گهر ۾ ڪري ٿي جشن خوشيءَ جو-
محب سندس بيٺو سامهون اَچي!

دوشَ ڪيائين ڪيڏا ليڪن-
آيو آهي ’نردوش‘! ڇُٽي!



दिसजन केदा सुहिणा माण्हु,
के के सीरत वारा माण्हु !

शोख़ तबीयत, घुंजीयल चहेरा,
जणु टान्डाई टान्डा माण्हु !

सूंह पिसण जो हरको कान्ख़ी-
वासुं वठन के, भंवरा माण्हुं !

मुरक मिठीअ सां कमु जी, लिकाइन-
लगन उहे था मिठड़ा माण्हु !

बहरुपीयन जा बोल बि मिठड़ा-
भलु त छपाइन चहेरा माण्हु !

क़दुर सूंह जो करे न जाणीन-
क़दुर सूंह ते दियन पहेरा माण्हु!

लगन पसुं पिणु कदहिं कदहिं था-
कीन असुल में जहिड़ा माण्हुं !

"निर्दोश"! हुजन के, ग़दार बि-
आसे पासे लाइ ख़तरा माण्हुं !



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

उथु ओ ग़ाफिल, उथु ओ ग़ाफिल,
अखु पट दिसु, थी आहे पिरह फ़िटी !

मोह ऐं ममता जा ख़्वाब अञां,
लाह अखिन तां निंढ जी पटी!

सूंह सद थी तोखो ग़ाफिल,
प्यार मां आई आ, चांह ख़णी !

ख़ुश क़िसमत आहीं केदो !
मेठाजु भरी मिलीय मधुमती !

घर में करे थी जश्न ख़ुशीअ जो,
मुहब संदस बीठो साम्हूं अचे !

दोख कयाईं केदा लेकीन-
आयो आहे "निर्दोश"! छुटी !



نازڪ ٺيندي آهي ياري،
قرٻاني اُن ڪي آ پياري!

قُربُ نظر مان چلڪي پوندو-
پاڪُ پيار جي، اُها بهاري!

دَٻاوَ اَندر سوچَ رهي ٿي-
ڏکي نباهڻ دنياداري!

مَهٽن جي سان آ، جا سينگاريل-
زهر بڻجي سا، جيون ساري!

وَجهَه وڏڻ جا، جامُ ملن ٿا،
ناري پو پيي، ڇو ويچاري!

خوش ٿي پَلُ پيو هٽي کڳيون هوُ،
پونم بعد آ، اُماسَ ڪاري!

नाज़िक थीन्दी आहे यारी,
कुरबानी उन खे आ प्यारी !

कुरबु नज़र मां छलके पवन्दो-
पाकु प्यार जी, उहा बहारी !

दबाव अंदर सोचु रहे थी-
दुखी निबाइण दुनियादारी !

महेणन जी सां आ, जा सिंगारीयल-
ज़हर बणजी सा, जीवन सारी !

वञ वधण जा, जामु मिलन था,
नारी पो भी, छो विचारे !

ख़ुश थी भलु पियो हणे ख़िगयूं हु,
पूनम बइद आ, उमास कारी !


books.sindhsalamat.com

خاموشيءَ کي لکندو آهيان،
شعر ٻڌائي، چوندو آهيان!

ڪوڙ ڏي سپ ٿا مون کي گهيلن،
ڪينَ اُنهنکي ٻڌندو آهي!

دوستي رکي، ڄِڻ ڄِڻ سان آ-
قائم، دائم رکندو آهيان!

نِهال ٿين جي، ناٽي تي فقط-
ڏِڻ ڪان سدائين نهندو آهيان!

ٻلي اچن طوفانَ ٻَرَمَ جا-
پاڻُ بچائي ٻهندو آهيان!

چال چلي ٻَلُ جڳ کهڙي ٻي-
’نردوش‘! سدا رهندو آهيان!


www.sindhsalamat.com

کانوَن جي هُت محفل آهي،
’کان کان‘ کيڏي نہ متل آهي!

شينهن کئي هيءَ گجگوڙ آهي،
کين کو گرجيو بادل آهي!

پاڳل وينو جهانجهہ وڄائي،
کيڏي ڏِسو، ٿي اڄ ڪل آهي!

هيءُ نہ ٺڪيون گوليون هٽندي،
ڏاڍو کو پٿر دل آهي!

سالن ڪان هٽي ننڊ کين کئي،
اِڪ، ڪپ ڪوڙي کا، لڳل آهي!

سنڌوءَ جو جَلُ سيتل آهي،
پاک منو گنگا جل آهي !


www.sindhsalamat.com

ख़ामोख़ीअ खे लिखन्दो आहियां,
शइर बणाए, चवन्दो आहियां !

कुड़ द सभु था मुंखे घीलन,
कीन उन्हन खे ब धन्दो आहे !

दोस्ती रखे, जिन सां आ-
क़ायम, दायम रखन्दो आहियां !

निहाल थीयन जे, नाणे ते फक़्त-
तिन खां सदाई ठहन्दो आहियां !

भले अचन तूफान भरम जा-
पाण बचाए बिहन्दो आहियां !

चाल चले भलु जगु कहड़ी भी-
"निर्दोश"! सदा रहन्दो आहियां !


books.sindhsalamat.com

कांवन जी हुत महेफिल आहे,
"कां कां" केदो न मतल आहे !

शींहु कई हीअ गजगोड़ आहे,
कीन को गरजेव बादल आहै !

पागल वेठो झांझ वजाए,
केदो दिसो, थी अज खि़ल आहे !

हीउ न थकीयूं गोलियुं हणान्दे,
दाढो को पथ्थर दिल आहे !

सालन खां हणे निंढ कीन कई,
अखु, खपु खोड़े का, लगल आहे !

सिंधुअ जो जल सीतल आहे,
पाक मिठो गंगा जल आहे !



books.sindhsalamat.com

گهنگهروءَ جان وڄي پيو ماٿو-
ديپ وانگر جلي پيو ماٿو !

ڏَن جي ڏُنُ ۾ مَگَنُ رهي ايڏو-
ڏُتِ نشي ۾ لڳي پيو ماٿو!

ڪيرُ پڳوان ڪي پياري ٿو-
اَنڌوشواس ۾ جيئي پيو ماٿو!

باهِه سيني اَندر لڪائي پيو،
ٻَرَ ڌماڪا ڪري پيو ماٿو!

پوشِ پائي سدا گُناهن تي-
جاپُ سچ جو جپي پيو ماٿو!

شَرمُ منهن ۾ آ رهيو باقي-
سو، لِڪي هِتي رهي پيو ماٿو!

ڏانءُ چمڙي ٿلهي ڪرڻ جو هجي،
هر گهڙيءَ اِئن چئي پيو ماٿو !

پاڻ ورسان سدا وڻن ۾ مان-
نيمَ اهڙا گهَڙي پيو ماٿو!



www.sindhsalamat.com

घुंघरुअ जां वझो पियो माण्हु-
दीप वान्गिर जले पियो माण्हु !

धन जी धुन में मगन रहे एदो-
धुत नशे में लगे पियो माण्हु !

खीरु भगवान खे पियारे थो-
अंधविश्वास में जीए पियो माण्हु !

बाह सीने अंदर लिकाए पियो,
बर धमाका करे पियो माण्हु !

पोश पाए सदा गुनाहन ते-
जापु सचु जो जपे पियो माण्हु !

शरम मुंहं में आ रहियो बाक़ी-
सो, लिकि हिते रही पियो माण्हुं !

दांव चमड़ी थुल्ही करण जो हुजे,
हर घड़ीअ इएं चई पियो माण्हुं !

पाण वरसां सदा वणन में मानु-
नीयम अहिड़ा घड़े पियो माण्हुं !



وقت کي ڳولهيندي ڳولهيندي،
خود، پَلَ ئي ويا گذري شايد!

يادِ پرينءَ جي جڏهن اچي ٿي-
نِنڊَ ڦٽي ٿي مِنٽڙي شايد !

طُوفان اهڙو ڪو آيو، جو-
پَلَ ۾ ويا خواب اُڏري شايد!

مضبوط ٻڌي ٻنڌن ۾ جا-
ڌاڳي جي آ، ٽڪڙي شايد!

ڦُولن تي ڪِرَڻِ ماڪَ ڦُڙا ٿا-
روپُ تڏهن ويو نِکري شايد!

- لُڏي لَمي ٿي، ڪينَ ٻُڏي ٿي-
سَچَ جي آ، هيءَ مَڪڙي شايد!

وِک وِک تي نوان تجربا هِتِ،
ترقي تڏهن ٿِي تڪڙِي شايد!

ڪينَ پڙهياسين روح جا سبق-
جڳ جا خدا ويا بگڙي شايد!

سَچُ سَچُ آ سَڀُ ’نردوش‘ چيو،
ڪوُڙا ڪَکرَ ويا وِکڙي شايد !

वक़्त खे गोल्हीन्दे गोल्हीन्दे,
ख़ुद, पल ई विया गुज़री शायद !

याद परींअ जी जदहिं अचे थी-
निंढ फ़िटे थी भिठड़ी शायद !

तूफान अहिड़ो को आयो, जो-
पल में विया ख़ुद उढड़ी शायद !

मज़बुत बधी बधन में जा-
धाग जी आ, टिकड़ी शायद !

फुलन ते किरन माक फुड़ा था-
रुप तदहिं वियो निख़री शायद !

विख़ विख़ ते नवां तजरबा हितु,
तरक़्क़ी तदहिं थी तकड़ी शायद !

कीन पढ़ियासीं रुह जा सबक़-
जग जा ख़ुदा विया बिगड़ी शायद !

सचु-पचु आ सभु "निर्दोश"! चयो,
कुड़ा ककर विया विख़ड़ी शायद !



ٻين جي خوشيءَ ۾ جيئڻ هوُ سکيو آ،
غمن کي ائين غرق شايد ڪيو آ !

غريب آ سچ تي هلي ٿو تڏهن ئي،
ته مانارو هر غم هِنَ تي نهيوَ آ!

هو الزام هن تي سنگين ئي ڪو شايد،
بچائڻ جي بدران، سڄڻ ڇو ڀڳو آ؟

ڪُڪيسُ نانگَ هنکي، خبرپوءِ پيس ته،
اڙي! هٿ بلائن جي ٻِرَ ۾ وڌو آ!!

وري قهر هر جا وسائيندو ٻيهر-
هوُ آتنڪي ٻچ، جيل مان ڇٽو آ!

ڪري کيلُ، ڪر ته، جهان کان نرالا،
چئون ڪئن ته هوُ، آسمان تان لٿو آ؟

بोयन जी ख़ुशीअ में हु सिखियो आ,
ग़मन खे इएं ग़रक़ शायद कयो आ !

ग़रीब आ सच ते हले थो तदहिं ई,
त मानारो हर ग़मु हुन ते ठहियो आ !

हु इल्ज़ाम हिन ते संगीन ई को शायद,
बचाइण जे बदरां, सजण छो भगो आ ?

कुखीयस नांग हिन खे, ख़बर पोइ पीयस त,
अड़े ! हथ बलाउन जे बिर में विधो आ !!

वरी क़हेर, हर जा वसाईन्दो बाहर-
हु, आतंकी बिजु, जेल मां छुटो आ !

करे खेलु, कर त, जहां खां निराला,
चउं कीअं त हु, आसमान तां लथो आ ?



پوکَ لڙڪن جي ٿي سُني آهي،
ٿِي ڪڪرُاڪ، تڏهن وسي آهي!

هر قدم تي سدا ڏئي ٿو ساٿُ-
ها، سَڪِي هر ميارَ ٿي آهي!

آهِہ اندر جو شيشو صافُ ڪٿي؟
دوري رَب جي وئي وڌي آهي!

منهنجي هُن سان دوستي آ، پڪي-
ڪوتا تنهنجي تڏهن ڇپي آهي!

جيري خاطر کُهي ڇڏن ٻَڪرُ-
ٻُڪَ جي صورت بہ آتنڪي آهي.

جو، ونون ٿا، ڏيون ڪٿي ٿا؟
آئو، ’نردوش‘ بَس ِپري آهي!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

पोख़ लुड़कन जी थी सुठी आहे,
थी ककरु अख़ु, तदहिं वसी आहे !

हर क़दम ते सदा दिए थो साथु,
हा, सख़ी हर मयार थी आहे !

आह अंदर जो शीशो साफ किथे ?
दूरी रब जी वई वधी आहे !

मुंहिंजी हुन सां दोस्ती आ, पकी-
कवता तुंहिंजी तदहिं छपी आहे !

जेरे ख़ातिर कुही छदिन बकर-
बुख़ जी सुरत बि आतंकी आहे !

जो, वठुं था, दियूं किथे था ?
आतो, "निर्दोश"! बसु परे आहे !



ساهُه سچو ئي آهِه سڄڻ پيو،
شڪر ڪريان جو، آيو اڱڻ پيو!

سونهن نهاري ڇُهي بدن ٿي،
لُطف عجب آ، سُڪ ڪرڻ پيو!

قُرب اسان جو صاف ۽ سُٿرو،
آهِه مزو پر پاڻ پَهڻ پيو!

مون ۾ قدرت آهِه سمائي،
موج تڏهن ٿي اچي جيئڻ پيو!

ڇَڏِ سياوُ هي نانگن وارو-
ناهِه مزو ڪو، زهر رڪڻ پيو!

مست نيڻن مان ڪجھ پياري ويو-
ائين اسان کي آ جياري ويو!

باھِہ نفرت ۾ دل جلي ڏاڍي،
يارُ پر پيارَ سان ٺاري ويو!

مَسَ ٿهيو هو غريب جو جهوپڙو،
قاعدو ڪِنَ ۾ سو، اُجاري ويو!

ٿڪ ڪيڏو نہ آ، مهانگو پيو-
اُن ڀهاني هوُ، ڏُتاري ويو!

هوسِ مايوُس مان، سڄڻ آيو،
موڊِ منهنجي اَچي سنواري ويو!

ڪيڏو اُتساھُہ آ، ڏنو دلبر
جوتِ آ جڳ، اندر ۾ ٻاري ويو!



साहु सजो ई आह सजण में,
शुक्र करियां जो, आयो अङण में !

सूंहं निहारे छुही बदन थी,
लुत्फ अजब आ, सुख्र करण में !

कुरब असां जो साफ ऐं सुथरो,
आहु मज़ो पर, पाण पिहण में !

मुं में कुदरत आह समाई,
मौज तदहिं थी अचे जीअण में !

छद सुभाउ ही नांगन वारो-
नाहु मज़ो को, ज़हर रख्रण में !

मस्त नेणन मां कुझ पियारे वियो-
इएं असां खे आ जियारे वियो !

बाह नफरत में दिल जले दाढी,
यार पर, प्यार सां ठारे वियो !

मस ठहियो हो ग़रीब जो झोपो,
क़ायदो खिन में सो, उजारे वियो !

टहेक केदो न आ, महान्गो पियो-
उन बहाने हु, दुतारे वियो !

होस मायुस मां, सजण आयो,
मुड मुंहिंजी अची संवारे वियो !

केदो उत्साह आ, दिनो दिलबर,
जोत आ जण, अंदर में बारे वियो !



ماڻهو سچ سچ چوڻ لڳو آهي،
قد ۾ حق تي، وڌڻ لڳو آهي!

ڏسي هتي ٿو دهشي ڏريندا،
هوُ، تڏهن ڀڄڻ لڳو آهي!

آهِہ وشواس جيتيو اَهڙو،
ماڻهوُ پوڄجڻ لڳو آهي!

ترقي چوٽيءَ چڙهيل ڏسي هُنَ جي-
اِيرکا ۾ جلڻ لڳو آهي!

آ، سُڳنڌي ڪَڍني گُلاب مثل-
جيت حاصل ڪرڻ لڳو آهي!

هڪ ڪَڪَرُ آهِہ اُپ ۾ تہ بہ ڏِسُ-
بڻجي پاڳل، وَسَڻ لڳو آهي!

ذهن تي خاصو زور ڏيئي هوُ-
تارا اُپ جا، ڳڻڻ لڳو آهي!

دليري اسانجي ڏسي ڀل زمانو،
غمن ۾ ٻه ڳايون، خوشيءَ جو ترانو!

مزي ساڻ مُرڪون ٻين جي خوشيءَ لاءِ-
لُٽايون ٿا پنهنجي، خوشين جو خزانو!

زمانو اسان کي ڪري ڀي ڪندو ڇا؟
اسان جي اڳيان نيٺ جهڪندو زمانو!

تمنا گُلن جي نه هرگز ڪئيسين،
ڪپي مُرڪي مُرڪي ڇتڻ جو بهانو!

ٿُڏي راهه روڙا اڳيان وڌُ، اڳيان وڌُ-
آ، منزل هوءَ سامهون اُتي آشيانو!


www.sindhsalamat.com

माण्हुं सचु पचु चवण लगो आहे,
क़द में हक़ ते, वधण लगो आहे !

दिसे हिते थो दहशती धरीन्दो,
हु, तदहिं डिजण लगो आहे !

आहु विश्वासु जीतीयो अहिड़ो,
माण्हु पूजण लगो आहे !

तरक़ी चोटीअ चढ़ीयल दिसी हुन जी-
इरख्रा में जलण लगो आहे !

आ, सुगन्दी कढी गुलाब मिसलु -
जीत हासिल करण लगो आहे !

हिकु ककर आह उभ में त बि दिसु-
बणजी पागल, वसण लगो आहे !

ज़हन ते ख़ासो ज़ोर देई हु-
तारा उझ जा, गणण लगो आहे !


books.sindhsalamat.com

दिलेरी असांजी दिसी भल ज़मानो,
ग़मन में बि गायुं, ख़ुशीअ जो तरानो !

मज़े साणु मुरकुं बोयन जी ख़ुशीअ लाइ-
लुटायूं था पंहिंजी, ख़ुशीन जो ख़ज़ानो !

ज़मानो असांखे करे भी कन्दो छा?
असां जे अगियां नेठु झुकन्दो ज़मानो !

तमन्ना गुलन जी न हरगिज़ कइसी,
ख़जे मुरकी मुरकी छुटण जो बहानो !

थुदी राह रोड़ा अगियां वधु, अगियां वधु,
आ, मंज़िल हुअ साम्हुं उते आशियानो !



پيڙا مَن جي گُلابي مُڪڙي آ،
باغ دِل ۾ سيني ڪان سهڻي آ!

مون کي اهڙي ڪا ميارَ ڏنئه-
تير بڻي جِگَرَ ۾ ويڻي آ!

ڪوئي پنهنجي خوشين ۾ خوش ناهي-
ڪوئي پنهنجي غمن ۾ راضي آ!

خوب اوتيم منجهس خوشين جو شراب-
خالي ته به دل جي پيالي آ!

ڪنهن جي خوشحالي وڻندي ڪينَ-
ريت ته جڳ جي نرالي آ!

مِتان وڃي مڇي، ڇئي ڏسندس،
ڇَپن تي چپ رکي پُڇي ڏسندس!

مان لُطف زندگيءَ جو ٿو چاهيان،
لکڻ جو فن ڪٿان سکي ڏسندس.

ستم ڪري زمانو ڏٻري تي-
مان هاٺي ڏاڍو رَبُ ٻٽي ڏسندس.

اسين ٿا زهر جيڪي دوکي سان-
ٿِي قهرتِنِ تي مان ڪري ڏسندس.

نوان مکوٽا مُکَ تي وِکَ وِکَ تي،
ٻين سان مان پِي رکي ڏسندس.

ڏسان ته کهڙو ٿو ملي پرساد،
چکڻ، ٺڪاڻي ۾ وڃي ڏسندس!

لڳن رُٺل جي پِي هتي ’نردوش‘،
ڪري انُهن سان مان ٻَڌِي ڏسندس!


www.sindhsalamat.com

पीड़ा मन जी गुलाबी मुखड़ी आ,
बाग़दिल में सभनी खां सुहिणी आ!

मुं खे अहिड़ी का मयार दिनअ-
तीर बणी जिगर में वेठी आ !

कोई पंहिंजी ख़ुशीन में ख़ुश नाहे-
कोई पंहिंजे ग़मन में राज़ी आ !

ख़ुब ओतियम मंझस ख़ुशीन जो शराबु-
ख़ाली त बि दिल जी प्याली आ !

कंहिं जी ख़ुशहाली वणन्दी कीन-
रीत त जग जी निराली आ !


books.sindhsalamat.com

ڏرتيءَ جي هيءَ سازش آهي،
ڏين اُباسي تنڏهن تہ آ گُلن!

اَنگَ ۽ عضوا ساڳيا سڀ ڪي-
ڪِنِ ڪِنِ جا پر سهڻا بدن!

ڪاوان ڪاڏو چا ۾ هاڻي؟
قلعي ٿيڻ ويا اڄ سڀ برتن!

ڏيري ڪرتون ڳالهہ ڳِلا جي،
ٿيندا اٿئي پتين ڪي بہ ڪَنَ!

مجبوريءَ جو لاڀ وٺڻ لئہ-
’نردوش‘! وياسين اوڍي ڪفن!



मतां वञी मञे, चई दिसन्दसु,
चपन ते चप रखी पुछी दिसन्दसु !

मां लुतुफ ज़िन्दगीअ जो थो चाहियां,
लिखण जो फन किथां सिखी दिसन्दसु !

सितम करे ज़मानो दुबरे ते-
मां हाणे दढो रब बणी दिसन्दसु !

असीं था ज़हर जेके दोखो सां-
थी क़हर तिन ते मां करे दिसन्दसु !

नवां मुखाटा मुख ते विख विख ते,
बायन सां मां भी रखी दिसन्दसु !

दिसां त कहिड़ो थो मिले प्रसाद,
चखण, टिकाणे में वञी दिसन्दसु !

लगन रुठल जे भी हिते "निर्दोश"!-
करे उन्हन सां मां बधो दिसन्दसु !

عاقل جاهل ڪهڙا آهن؟
گڏهہ گهوڙا، هڪجهڙا آهن!

گوڙ اُصولن جو ڪونهي هيءُ-
آچيل ڳٽڙ تي جهڳڙا آهن!

بم، باهين، گولين جي وات-
ديش مهان جا نعرا آهن!

هن دؤرجي منهن تي اڄڪلهہ-
لڳ ڀڳ نقلي چهرا آهن!

اِنسانيت ٿي وئي اَڌ مُئي،
وَارَ مٿيس ٿيا گهرا آهن!

ڪوڙ نڳي چُڙواڳ گهمن ٿا-
ليڪن سچ تي پهرا آهن!

ٻاهران رنگ ڍونگ، ڍونگ سڀ،
من جا شايد ڪارا آهن!

لوڪ پرک توکي ’نردوش!‘
ڏسجن چاٽا ۽ چا آهن؟



धरतीअ जी हीअ साज़िश आहे,
दियन उबासी तदहिं त आ गुलन !

अंग ऐं उज़वा सागिया सभ खे-
किन-किन जा पर, सुहिणा बदन !

ख़ांवां ख़ाधो छा में हाणे ?
कि़ले थीयण विया अज सभु बरतन !

धीरे कर तूं गाल्ह गिला जी-
थीन्दा अथई भितीन खे बि कन !

मजबुरीअ जो लाभु वठण लाइ-
"निर्दोश"! वियासीं ओढे कफन !

عاقل جاهل ڪهڙا آهن؟
گڏهہ گھوڙا، هڪجهڙا آهن!

گوڙ اُصولن جو ڪونهي هيءُ-
آڇيل ٻُڙ تي جهڳڙا آهن!

بم، باهين، گولين جي وات-
ديش مهان جا نعرا آهن!

هن دؤرجي منچ تي اڄڪلهہ-
لڳ ڀڳ نقلي چهرا آهن!

اِنسانيت ٿي وئي اَڌ مُئي،
وارَ مٿيس ٿيا گهرا آهن!

ڪوڙُ ٺڳي ڇُڙواڳ گهمن ٿا-
ليڪن سچ تي پهرا آهن!

ٻاهران رنگ ڍونگ، ڍونگ سڀ،
من جا شايد ڪارا آهن!

لوڪ پرک توکي ’نردوش!‘
ڏسجن ڇاٿا ۽ ڇا آهن؟


www.sindhsalamat.com

आक़ल जाहित कहिड़ा आहिन ?
गदिह घोड़ा, हिक जहिड़ा आहिल !

घोड़ उसुलन जो कोन्हे हीउ-
आछीयल गुड़ ते झगिड़ा आहिन !

बम, बाहीन, गोलीन जी वात-
देश महान जा नारा आहिन !

हिन दौर जे मंच ते अज कल्ह-
लग-भग नक़ली चहेरा आहिन !

इन्सानियत थी वेई अध मुई,
वार मथीयस थिया गहेरा आहिन !

कुड़ ठगा छुड़वागु घुमन था-
लेकिन सच ते पहेरा आहिन !

बाहिरां रंग ढोंग, ढोंग सभु,
मन जा शायद कारा आहिन!

लोक परख तोखो "निर्दोश"!
दिसजन छाथा ऐं छा आहिन?


books.sindhsalamat.com

हु बिगड़ीयल को नवाब लग॒े थो,
खाइण लाइ कबाब ई घुरे थो.

- मुल्क़ जो मातबर रहिबर आहियां,
अहिड़ा नित नित ख़्वाब दि॒से थो !

आउं बणियो हिकु जादुगर आहियां,
सपना से, दि॒सन्दो रहे थो !

सदा ख़्यालन में खोयल खोयल,
सोचे कीअं, शेर वठे थो !

- यादाशत थसु कमज़ोर घणी,
शेर में चवन्दे मुंझी पवे थो !

- मिलियस न जे, सदारत थी,
"निर्दोष" दुखी हु, थी वञे थो !



هو بگڙيل ڪو نَوابُ لڳي ٿو،
کائڻ لاءِ ڪَبابُ ئي گُهري ٿو.

- ملڪ جو معتبر رهبر آهيان،
اَهڙا نِت نِت خُوابُ ڏسي ٿو.

آنءُ بڻيو هڪ جادوگر آهيان،
سپنا سي، ڏسندو رهي ٿو.

- سدا خيالن ۾ کويل کويل،
سوچي ڪيئن، شعر وٺي ٿو!

- ياداشت ٿَسُ ڪمزور گهڻي،
شعر ۾ چوندي مُنجهي پوي ٿو!

- مليس نہ جي، صدارت ٿي،
’نردوش‘ دُکي هوُ، ٿي وڃي ٿو!

مان درد کي همدرد ڪيان ٿو،
تڏهن خوشيءَ ۾ آنءُ رهان ٿو!

- آهه زمانو آيو اَهڙو-
ڏنگو، ڏِنگي سان، مان ٿي پوان ٿو!

حق تي، ڪن کي، ڪين وڻان ٿو،
ڪوڙ کي ڪوڙ چئي ڏيان ٿو!

- دماغ کاڻ ويچارن جي-
مفهومُ غزلُ، کوٽي وٺان ٿو!

- اَک سان اَک ٿو ڇڏيان ملائي-
دُشمن سامهون، جڏهن اچان ٿو!

- چَون : ’’وفادار، ڪتو آهي‘‘
ٻُچڪارَ ڏئي سڏي وٺان ٿو!



मां दर्द खे हमदर्द कयां थो,
तॾहिं ख़ुशीअ में आउं रहां थो !

- आह ज़मानो आयो अहिड़ो-
ॾिन्गो, ॾिन्गे सां, मां थी पवां थो !

- हक़ ते, किन खे, कीन वणां थो,
कुड़ खे कुड़ चई ॾियां थो !

- दिमाग़ ख़ाण विचारन जी-
मफहुम ग़ज़ल, खोटे वठां थो !

- अख़ु सां अख़ु थो छॾियां मिलाए-
दुश्मन साम्हुं, जॾहिं अचां थो !

- चवन : "वफादार, कुतो आहे",
बुचकार ॾेई सदे वठां थो !

12. Gul Gul Mein Surhan (poems)

13. Soni machi

14. Ghazlun Ji Goonj

15. Meerhiya je mun moti.

16. Chand Kayi Chandan

17. Surha Surha Suwas

18. Mahek Mitia Jee

**Awards:**

1. Gaurav Puraskar, Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Gandhinagar.
2. Sindhi Sahitya Academy, Gandhinagar (6 awards).
3. Priyavaramjo Pratap.
4. Central Dept. of Environment and Forest on world environment day 5th June 1993 in Delhi.
5. Suwass Suwass Me Surhaan.
6. Ghazlun Ji Goonj, Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Gandhinagar.
7. Suraha Suraha Suwas from Gujarat Sahitya academy.

**<u>Experience</u>**

1. Supervisor cum Teacher in M.G. High School (1964-2000).
2. Two terms of 10 years in Gujarat sindhi Sahitya academy (goverment of gujarat)as a committee member.
3. Ten years' experience as a committee member of Pathiya Pustak Mandal Gandhinagar(text book mandal goverment of gujarat)

**Literary contribution :**

1. Publisher cum Editor of Sajani Sindhi magazine for 10 years.
2. Sub Editor of Nazrano for 10 years (Sindhi Magazine).
3. Contribution as a columnist for 5 years of Sindhi Ahewal.



www.sindhsalamat.com

**Other activities**

1. Ex. Committee Members Gujarat PathiyaPustak Mandal Gandhinagar
2. Ex. Committee Members Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Gandhinagar
3. Approved artist and poet of Doordarshan and All India Radio Ahmedabad
4. Poems are singed by Rajesh Bhardaj and Pavan Kumar.
5. Research paper's frequently presented in seminars of Sahitya Academy Delhi, NCPSL , Gujarat Sindhi Sahitya academy.



books.sindhsalamat.com

## BHIMAN KAMUMAL HOTCHANDANI
## Personal information

**Father's Name** : Kamumal Hotchandani.

**Date of birth** : 13-10-1942.

**Address** : Bhagwan Nirdosh
B-703 Sangath Pylon, Koteshwar Road,
Motera, Ahmedabad-380005 M. 9909019858

**Education**

**Qualification** : B.A (Maharaja Siyaji Rao (University of Baroda),
B.ED. (Regional College of Bhopal).

**Field** : Poet, Writer, Translation, Columnist and Critic.

**BooksPublished** :

1. Sukha Jaa Paacha (Poems ).
2. Namkuthiya Natak Navis (Essays).
3. Rim Jhim Rim Jhim( Children Poems ).
4. Hari Dilgir Hik Abhiyas (Essays)
   This book is kept in M.S University of
   Baroda and College of Ajmer, Sindhi Section).
5. Rooha Joon Ranhidoon poems .
6. Sur Surila Sai Ja (Poetry).
7. Sangharsh(Stories)
8. Rang Bhi Rangi Fukna.(Poems)
9. Ba tu jane chhe translated Sindhi to Gujarati
10. Surha Surha Suwas (poems).
11. Suwas Suwas Mein Surhan(poems).


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com